# رحمٰن سائین



## خواندگي ۽ غير رسمي تعليم جا مثالي پروگرام: ايشيا پيسيفڪ ريجن


| | | |
|---|---|---|
| صفحا: | 16 | |
| شايع ٿيو: | 2008 | |
| شايع ڪندڙ: | يونيسڪو (UNESCO) | سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) |
| | گهر نمبر 17، گهٽي نمبر F-7/3,8<br>PO Box. 0X2034<br>اسلام آباد پاڪستان | پلاٽ 9، بلاڪ 7،<br>ڪهڪشان ڪلفٽن 5،<br>ڪراچي، 75600 پاڪستان |
| فون نمبر: | +92-51-261170-3,11710745 | (92-021) 111-424-111 |
| فيڪس: | +92-51-2611175 | (92-021) 9251652 |
| اي ميل: | islamabad@unesco.org | info@sef.org.pk |
| ويب سائيٽ: | www.un.org.pk/unesco | www.sef.org.pk |
| ليکڪا: | پروفيسر ريحانه مغني | |
| سنڌي ويس: | نثار ٻانڀڻ | |
| سينگار ۽ سنوارپ: | ذوالفقار علي خان | |
| ڇپايو ويو: | پاڪستان ۾ | |
| تعداد: | 1000 | |

# پيش لفظ

پاڪستان هن وقت وڌندڙ ترقياتي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. عورتون جيڪي ملڪ جي تقريباً اڌ آبادي تي مشتمل آهن، اهي ترقي ۽ خاص طور تي تعليم جي ميدان ۾ تمام پنتي پيل آهن . ساڳي صورتحال سنڌ صوبي ۾ پڻ آهي.ضرورت ان ڳالهه جي آهي تہ صوبي اندر عورتن کي انهن مشڪلاتن کان نجات ڏيارڻ لاءِ تعليم جي شعبي ۾ ڪين وڌ کان وڌ موقعو ڏنو وڃي تہ جيئن اهي بنا ڪنهن مت ڀيد جي ملڪ جي ترقي ۽ تعليم جي شعبي ۾ نمايان ڪاميابيون ماڻي سگهن. انهي سلسلي ۾ يونيسڪو (UNESCO) ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) حڪومتِ سنڌ، جهڙا ادارا اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) طرفان اردو ۾ شايع ڪرايل هي ڪهاڻيون غير تعليم يافتہ بالغ فردن جي ذهني سطح کي سامهون رکي انهن جي روز مره جي مسئلن ۽ ضرورتن کي نظر ۾ آڻيندي سرجيون ويون آهن. انهن ڪهاڻين اندر آيل مواد ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غذائي ضرورتن، بيمارين کان بچاءَ جي موضوعن سان گڏ معاشرتي برائين ۽ انهن جي ڪري پيدا ٿيل پيچيدگين جي پڻ نشاندهي ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ صفائي، صاف پاڻي ۽ هنري سِکيا جي ضرورتن کي پڻ سامهون رکي ڪهاڻيون ترتيب ڏنيون ويون آهن، جيڪي غير تعليم يافتہ بالغ فردن خاص ڪري عورتن لاءِ نهايت ئي ڪارائتيون ثابت ٿينديون.

پروفيسر ريحانہ مغنيءَ جي هنن ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي پيچيدگين، صحت ۽ بهتر زندگي گُذارڻ جي مهارتن متعلق جيڪا ڄاڻ ڏنل آهي اُها اهڙين عورتن لاءِ انتهائي لاڀائتي ثابت ٿيندي جيڪي اڻپڙهيل ۽ سماج جي پيڙهيل طبقي سان واسطو رکن ٿيون. مان سمجهان ٿو تہ اسان جي ٻهراڙين ۾ نہ صرف تدريسي تعليم پر ان سان گڏو گڏ صحت، زندگيءَ جي اوڻاين ۽ زندگي گُذارڻ جي مهارتن متعلق تعليم جي بہ تمام گهڻي کوٽ آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر سطح تي ڪوششون وٺڻ جي سخت ضرورت آهي تہ جيئن ماڻهن اندر وڏي پئماني تي سماجي سجاڳيءَ کي بيدار ڪري سگهجي. ان ڏس ۾ حڪومتي ادارا پنهنجي وِتَ ۽ وَسَ آهر اُپاءَ وٺي رهيا آهن تہ جيئن هن جديد دؤر ۾ سنڌ جون ٻهراڙيون بهتر کان بهتر ٿي قومي ۽ مُلڪي سطح تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن.

انهيءَ سان گڏو گڏ مان يونيسڪو جي ان ڪوشش کي بہ ساراهيندس تہ انهن هميشہ بالغن جي گهڻ طرفي تعليم لاءِ بهتر کان بهتر قدم کنيا آهن ۽ ڪميونٽيز جي شراڪت سان هيٺين سطح تائين ماڻهن کي تعليم طرف وڌيڪ راغب ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. اِن ئي سلسلي جي هڪ ڪڙيءَ تحت يونيسڪو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) طرفان اردو ۾ شايع ڪرايل ڪهاڻين جي جائزي بعد انهن ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو رٿيو ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) سان مالي سهڪار ڪري انهن ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام آسان ترجمو ڪري شايع ڪرائي جس لهڻو آهي. مان هڪ ڀيرو وري جس ڏيڻ چاهيندم سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) کي جن پنهنجي فني خدمتن ۽ يونيسڪو جي مالي تعاون سان اها ڳالهہ ممڪن بڻائي. اهو هڪ خوش آئيند عمل آهي ۽ اها اميد پڻ ڪجي ٿي تہ اڳتي بہ اهڙي قسم جي شعوري سرگرمين کي ساڳئي ئي جوش ۽ جذبي سان جاري ۽ ساري رکبو.

---

پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد صديقي
مئنيجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ)

# رحمٰن سائين...

رات ٿي وئي ابراهيم پنهنجي گهر نہ پهتو سڪينا پريشانيءَ ۾ چڪر ڪاٽي رهي هئي، اوچتو دروازو کليو ۽ ابراهيم اندر داخل ٿئي ٿو.


**سڪينا:** خير تہ آهي، ڪاٿي هئين...؟ مان پريشانين ۽ وسوسن ۾ ويڙهجي وئي هيس...

**ابراهيم:** رحمٰن سائين جي اوطاق تي هيس، هو ڳالهيون ئي اهڙيون ڪندو آهي جو سندس وٽان اٿڻ تي دل ئي نہ گهرندي آهي...

**سڪينا:** هون... اهوئي سائين نہ جنهن جو ذڪر پُڦِي نذيران ڪري رهي هئي، جيڪو چوي ٿو تہ "توهان جي طاقت ٻڌيءَ ۾ آهي..."

**ابراهيم:** ها بلڪل اُهو ئي، ماڻهو چون ٿا تہ هو وڏو شاهوڪار هيو ۽ پنهنجي سموري جمع پونجي غريبن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ بہ اچي ڳوٺ جا وڻ وساياائين...

**سڪينا:** منهنجي بہ سائين رحمٰن سان ملڻ لاءِ دل گهرندي آهي...



**ابراهيم:** ايندڙ اڱاري تي پنهنجي برادريءَ جي ڏهه کن چڱن کي گهرايو اٿائين جن ۾ چار مايون به آهن جن مان تون به هڪڙي آهين، هلي ملي ونجانءِ رحمان سائين سان...

**سڪينا:** اهو چاچي فيض عليءَ وارو معامرو.....؟

**ابراهيم:** ها...! چاچي فيض عليءَ جي برادريءَ جي چڱن مڙسن سان پڻ مليو آهي...

اڱاري جي ڏينهن ابراهيم جي برادريءَ جا ڇهه مرد ۽ چار مايون رحمان سائين جي اوطاق تي پهتا.

سڪينا ڏٺو ته اوطاق جا چارئي پاسا صاف سُٿرا هئا ۽ گل ٻوٽا پوکيل هئا...

جيئن ئي اُهي اوطاق ۾ داخل ٿيا تہ سڪينا ڏٺو تہ مٽيءَ جو پوچي آيل صاف سٿري ڪمري ۾ نُڪون وڇايل هيون. ڪمري جي هڪ طرف رحمٰن سائين پنهنجي اڇي اُجري هنڌ تي ويٺي ڪجهہ پڙهي رهيو هو، رحمان سائين ڪين ڏسندي چيو:

**رحمٰن سائين:** اڄ ابراهيم مان توهان جو ئي اوسيئڙو ڪري رهيو هيس... تنهنجي چاچي مون کي امين ڪيو آهي، توهان جو ڇا فيصلو آهي...



آيل سيني ماٺهن هڪ ئي وقت چيو، سائين اوهان کان بهتر ڀيو کھڙو امين هوندو...

رحمان سائين: پر اُن لاءِ اوهان کي منهنجي ڳالهه مڃڻي پوندي...

ابراهيم: اسين پوري ڪوشش ڪنداسين...

ابراهيم پهريون پنهنجي ماءُ جنت بي بيءَ، ڀُڦِي نذيران ۽ پوءِ پنهنجي زال سڪينا جو تعارف ڪرايو...

رحمان سائين: اِهي ڪنڊ ۾ ويٺل ٻئي نوجوان ڪير آهن.....؟


ابراهيم: سائين، ڪٻي هٿ تي منهنجو ڀاءُ ماجد آهي، جنهن جي مِٽِي اسان چاچي فيض جي ڇوڪريءَ سان ڪئي ۽ ٻيو ڀُڦِي نذيران جو پُٽ زاهد آهي، ماجد جو جگري يار...

رحمٰن سائين: پُٽ ماجد، تون مون ڏانهن سُري اچ... اهو ٻڌاءِ ڇا واقعي جڏهن فيض علي خان توهان سان مِٽِي ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو ته تو سندس گهر تي فائرنگ ڪئي....؟

زاهد: (وچ ۾ ڳالهايو) سائين هوءَ ماجد سان ننڍي هوندي ئي مڱيل هئي...

رحمٰن سائين: مان ماجد ڪان پُڇي رهيو آهيان...

ماجد: مون زاهد جي چوڻ تي فائرنگ ڪئي هئي...



**رحمٰن سائين:** (رحمٰن سائين کلندي) زاهد تو کي چوي تہ کوهہ ۾ ٽپو ڏئي تہ
چا تون ٽپو ڏيندين...؟ پُٽ ماجد هاڻ تون اهو ٻُڌاءِ تہ چاچي
فيض علي توسان مِٽِي ڪرڻ کان ڇو انڪار ڪيو...؟

**ماجد:** هُن جي ڇوڪري چار درجا پڙهيل آهي ۽ مان اڻپڙهيل
آهيان...

**رحمٰن سائين:** هوءَ چار درجا نہ پر ڏهون پاس آهي ۽ اڳتي پڙهڻ چاهي ٿي،
چا نياڻيءَ کي پنهنجي باري ۾ فيصلي ڪرڻ جو حق نہ هجڻ
گهرجي.....؟

**ماجد:** اسان جي خاندان ۾ ائين نا هي ٿيندو...

**رحمٰن سائين:** چا اوهان جي مذهب ڇوڪرين کي اهو حق نا هي ڏنو....؟

**ماجد:** مون کي مذهب جي باري ۾ ڄاڻ نا هي...

**رحمٰن سائين:** اسان کي پنهنجي مذهب جي باري ۾ ڄاڻ هجڻ گهرجي، قرآن شريف جي ڇهين سيپاري ۾ صاف ۽ سڌو چيو ويو آهي جنهن جو متن اهو آهي تہ "هڪ بيگناهہ انسان جو قتل پوري انسانيت جو قتل آهي ۽ هڪ انسان جي جان بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ جي برابر آهي..." هاڻ اهو ٻُڌاءِ جيڪڏهن اُن ڏينهن تنهنجو چاچو يا اُن جي نياڻي جيڪا رت ۾ تنهنجي سؤٽ لڳي، کي ڪجهہ ٿي وڃي ها تہ قيامت جي ڏينهن تون ڪهڙي سخت حساب ڪتاب ۾ اچي وڃين ها. جنت بي بي ۽ نذيران بي بي اوهين هِن جون وڏيون آهيون، هاڻ اوهان فيصلو ڪريو تہ غلطي ڪنهن جي آهي.....؟

ٻئي خاموش رهن ٿيون ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏن ٿيون.....



**سڪينا:** سائين غلطي تہ ماجد ۽ زاهد جي هئي، اسان جي خاندان ۾ هروڀرو ڇوڪرن کي لاڏ پيار ڏئي بگاڙيو ويندو آهي...

**سرفراز:** ڀاڄائي اوهين خاموش رهو...

**زرينا:** ڀاڄائي صحيح تہ چوي پئي. اسان ٽنهي ماجد کي سمجهايو هيو تہ تون پاڻ جهڙي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرِ، مان تو لاءِ رشتو ڳولهي آڻيندس پر هي ٻئيِ اِن ئي هوڏ تي بيٺا رهيا...

**رحمٰن سائين:** ها مائي جنت ۽ مائي نذيران جيڪڏهن اهو مسئلو چاچي فيض علي جي نياڻيءَ جو نہ هجي ها ۽ اوهان جي نياڻيءَ جو هجي ها تڏهن اوهان جو ڪهڙو فيصلو هجي ها.....؟

**جنت بي بي:** اهو جيڪو ادي فيض ڪيو.....!

**رحمٰن سائين:** ڇئبو اوهان ماجد جي غلطيءَ ڪي مجي ورتو، هاڻ جيڪڏهن ماجد منهنجي ڳالهہ قبول ڪري، پنهنجي چاچي ڪان معافي وٺي تہ مان ڪيس ختم ڪرائي ڇڏيندس نہ تہ انهن ڪيسن ۾ هڙ هلي وِيندَوَ ۽ سڀ وڃائي بہ اوهان ڪٿي نہ سگهندا، مان اهو بہ واعدو ڪريان ٿو تہ مان ماجد ۽ زاهد ڪي سُٺي تعليم ڏيندس جيڪڏهن هي ٻئي پڙهڻ چاهين...

**ماجد:** سائين جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ مان بہ پڙهي لکي چاچي فيض علي جي ڇوڪريءَ کان بہ سُٺي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڏيکاريندس...

**رحمٰن سائين:** (ڪلندي چوندو آهي) هاڻ ڇا خيال آهي راضي نامو لکون....؟ ابراهيم جو خاندان راضي ٿي ويو آهي...



چاچي فيض کي گهرايو ويو ۽ ٻنهي خاندانن وچ ۾ سرچاءُ ڪرايو ويو...

رحمان سائين ڳوٺ ۾ ڇا آيو آهي ڄڻ الله جو ڪو ولي آيو آهي...

سالن جون دشمنيون ۽ رُساما، دوستين ۽ مٺين مائٽين ۾ تبديل ٿينديون ويون، رحمان سائين جي اوطاق اَمُنَ جو هنڌ بڻجي اڀري آئي. جتي ڳوٺ جا ماٺهو خاص طور نوجوان ڇوڪرا سائين کان زندگيءَ جي مسئلن متعلق سوال ڪندا هئا ۽ ائين ڪچهرين ۾ هو گهڻو ڪجهه سکي پڻ وٺندا هئا...

رحمان سائين وٽ نوجوان ديني ۽ دنياوي ڄاڻ حاصل ڪندا هئا ۽ اهو پڻ سکندا هئا تہ ترقي ۽ تبديليءَ جو راز ٻڌيءَ ۾ مڙئي هڪ ٿيڻ ۾ آهي ۽ زندگي اُها آهي جيڪا ٻين جي ڪم اچي...

# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

# عورتن جي تعليم ۾ پاڙ پرائپ وارو پروگرام

## پيا ڪتاب

- ★ لالي
- ★ ادي نجمه
- ★ ميرو جو ڏک
- ★ اسان سڀ گڏجي
- ★ ببلوءَ جو موت
- ★ اڻڄاڻ ڏک
- ★ نادر جي بيماري
- ★ زينب جي پريشاني

سمورا حق ۽ واسطہ يونيسڪو اسلام آباد، پاڪستان ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪراچي وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتابچي ۾ انتخاب ڪيل انگ اکر ۽ معلومات ليکڪا جي ذاتي راءِ تي مشتمل آهن، جن سان يونيسڪو جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي.

حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان ڪلفٽن 5، ڪراچي

فون: 111- 424 -111 (021) فيڪس: 9251652 (021)

ويب سائيٽ: www.sef.org.pk اي ميل: info@sef.org.pk

United Nations
Educational , Scientific and
Cultural Organization